# جارج ٽائون پڌرنامو

5مارچ 2024

جارج ٽائون، پيننگ، ملائيشيا

## تمهيد

اسان "اسان آهيون بين الاقوامي گڏجاڻي جا سائيٽ منتظم" ۾ 37 ملڪن کان شامل ٿيندڙ نمائندا (جيڪا 1 کان 5 مارچ 2024 تائين، جارج ٽائون، ملائيشيا ۾ ٿي گذري)، پيننگ رياست جي حڪومت، جارج ٽائون ورلڊ هيريٽيج انڪارپوريٽيڊ ۽ جارج ٽائون جهڙي تاريخي شهر جي ڪميونٽين جا ٿورائتا آهيون جن عالمي ورثي تي ماهرن جي گڏجاڻي جو بندوبست ڪيو. شرڪت ڪندڙن پنهنجا تاثر ڏيندي ٻڌايو ته هيءَ گڏجاڻي تمام ئي خوش آئند رهي جنهن ۾ عالمي ثقافتي ۽ قدرتي ورثي جي تحفظ لاءِ 1972 واري ڪنوينشن جي تناظر ۾ سائيٽ منتظمن اڳيان ايندڙ موقعن توڙي مونجهارن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ انهن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ شفاف ۽ محرڪ پليٽفارم مهيا ڪيو.

سائيٽ منتظم تمام ئي جذبي سان ڪم ڪن ٿا. اهي ئي آهن جن کي عالمي ورثو، ان ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ۾ ته موجوده ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ دنيا جي اهم هنڌن جي بقاءَ، بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ بهترين عملي مشق ڪهڙي هجڻ گهرجي، اڳواڻ جي طور پيش ڪري سگهي ٿو. سائيٽ منتظم اصل ۾ بين الاقوامي ۽ مقامي سطح تي هڪ بنيادي ڳانڍاپي جو ڪم ڪن ٿا.

اِهي ئي آهن جيڪي عالمي ثقافتي ورثي تي ڪم ڪن ٿا ۽ عالمي ثقافتي ورثي جي لاءِ وڪالت ڪن ٿا. ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندي ته ورثو

درحقيقت مقامي آبادي جي جٽادار ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو، اهي رياستي جماعت جي، ورثي جي بقاءَ بچاءَ ۽ ايندڙ نسل تائين منتقلي واري عزم کي نافذ ڪرڻ واري اصولي بنياد کي سامهون رکي ڪم ڪن ٿا.

ان ڳالهه کي مجيندي ته سائيٽ منتظم روزانو پنهنجي منجهيل، پر ضروري ذميوارين کي نيائڻ لاءِ ڏکيائن کي منهن ڏين ٿا، جنهن ۾ عالمي ورثي وارين جاين لاءِ وڌندڙ خطرن کي سنڀالڻ توڙي گهٽائڻ اچي وڃن ٿا، اهو ضروي ۽ اهم آهي ته ڪين سندن ڪردار اثرائتي نموني نيائڻ لاءِ ايندڙ مونجهارن ۽ موقعن جي نشاندهي ڪري ڏني وڃي، جيڪي لاڳاپيل انتظامي ۽ حڪومتي نظام توڙي مقامي جاگرافيائي لحاظ کان هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هوندا آهن.

ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکندي ته سائيٽ منتظم گهڻو ڪري اهڙي ماحول ۾ ڪم ڪندا آهي جتي هو عالمي ثقافتي ورثي جي نظام هيٺ سڌي طرح سان فيصلو ڪرڻ واري مرحلي ۾ شامل نه هوندا آهن، وٽن وسيلن جي کوٽ هوندي آهي، موقعا به گهٽ هوندا آهن، سائيٽ منتظمن جي ڳالهه به نه ٻڌي ويندي آهي ۽ انهن لاءِ اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو مناسب طريقيڪار به يا ته بلڪل نه هوندو آهي يا وري ڪوٿو هوندو آهي. تنهن ڪري اسان سڄي دنيا جي عالمي ثقافتي ورثي وارين ملڪيتن ۾، سائيٽ منتظمن جي ڪردار ۽ اثرائتي ڪارڪردگي تي اثرانداز ٿيندڙ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ فوري ڪارروائي جي گهُر ڪريون ٿا.

اسان سمورين رياستي جماعتن، عالمي ورثي جي مرڪزن، صلاحڪاري ادارن، ڪيٽيگري-II جي مرڪزن، UNESCO جي عهديدارن، بين الاقوامي، قومي ۽ مقامي تنظيمن، جماعتن ۽ موضوع سان دلچسپي رکندڙن کي دعوت ٿا ڏيون ته اهي هن گڏيل مقصد ۾، ان لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي معاملي ۾ پنيرائي ڪندي، باظابطه طور عالمي ورثي واري نظام ۾ سائيٽ منتظمن جي ڪردار ۽

ڪارڪردگي ڪي، 1972 واري عالمي ورثي بابت ڪنوينشن مٿان اثرائتي عمل درآمد لاءِ جارج ٽائون ڊڪليئريشن کي اختيار ڪندي، تسليم ڪن.

## ڪارروائيون

(1) رسمي طور تي سائيٽ منتظمن جي اختيار، ڪردار، ڪارڪردگي سان گڏوگڏ بين الاقوامي، قومي ۽ مقامي سطحن تي عالمي ورثي واري نظام اندر فيصلي سازي جي عمل ۾ ان جي رسمي شموليت کي تسليم ڪيو وڃي. خاص طور تي مختلف سرگرمين ۽ منصوبن دوران، خاص طرح سان 'سائيٽ منتظمن' لاءِ رجسٽريشن جي درجہ بندي قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سائيٽ منتظمن کي عالمي ورثي واري ڪاميٽي جي رسمي فيصلي سازي واري عمل ۾ سڌي طرح شامل ڪرڻ جو عمل، عالمي ورثي وارين ملڪيتن جي بچاءَ بابت معلومات جي ونڊ کي شفاف بڻائيندو. ان سان سائيٽ منتظمن کي ڪاميٽيءَ جي فيصلي سازيءَ جي پڌرائيءَ مان سڌي طرح سان فائدو پهچندو ۽ ان سان گڏوگڏ اهي ٻين سائيٽس مان توڙي ڪاميٽي جي اجلاسن دوران ٿيل تبصرن ۽ بحث مباحثن مان قيمتي سبق پڻ پرائيندا.

(2) سفارش ڪريو تہ لکتہ اچڻ کان بہ اڳ ۾ سائيٽ منتظم، سائيٽ انتظامي نظام جي ترقي لاءِ هڪ اهم ذر آهي. تنهن ڪري، نامزدگي جي عمل دوران هڪ سائيٽ منتظم آفيس/ اداري/ اٿارٽي جي باظابطہ قيام لاءِ وڏي پيماني تي سفارش ڪجي ٿي، جيڪا مقامي پس منظر ۾ ۽ جوڙيل طريقيڪار اندر اثرائتي انداز سان ڪم ڪري سگهي. اهڙن ادارن اندر عالمي ورثي واري ملڪيت جي معاملي ۾ ڊگهي مدت وارن، لڳاتار ۽ بقادار قدرتي وسيلن (جهڙوڪ گهربل وقت، ڪم ڪرڻ لاءِ مالي سهائتا، سياسي رضامندي، بين الاقوامي ۽ مقامي سطح تي مربوط قانوني ڍانچو،

فيصلي سازي ۾ شموليت ۽ گهربل انساني وسيلن) سان سائيٽ منتظمن جي اثراندازي ۽ قابليت کي وڌائڻ لاءِ واضح طور تي مربوط سائيٽ انتظامي ڍانچو هجي.

(3) ان کري گذارش ڪجي ٿي ته سائيٽ منتظمن جي دانهن ۽ مسئلن کي فعال طور تي معلوم ڪيو وڃي، ان تي غور ڪيو وڃي ۽ حل لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. اهو سڀ ڪجهه هڪ شفاف، باخبر، ۽ ذميوار فيصلي سازي جي عمل ذريعي ٿيڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ 1972ع جي عالمي ورثي واري ڪنوينشن کي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي لاڳو ڪندي، سمورن لاڳاپيل ڪردارن سان ابتدائي، جامع ۽ بامعني رابطي ذريعي، آسان بڻايو وڃي. سائيٽ منتظم وٽ مقامي معلومات ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ وسيع مهارت هوندي آهي. اهي گهڻو ڪري مقامي برادري سان مضبوط رابطو برقرار رکندا آهن. انهيءَ ۾ شاندار عالمي قدرن، انهن جي سالميت، انهن (تاريخي ورثي وارين) ملڪيتن جي صداقت ۽ انهن جي وڏي پيماني تي ترتيب کي برقرار رکڻ لاءِ تحفظ جي اصولن تي ڪم جي نگراني واري سهولت شامل آهي. اهڙا موقعا مهيا ڪرڻ سان، سائيٽ مئنيجر ورثي واري ملڪيت بابت آزاد سمجهه پري جاڻ مهيا ڪري سگهن ٿا جيڪا ڊگهي مدت وارن مفادن کي مختصر مدت جي فائدن تي اوليت ڏيندڙ هوندي. نتيجي طور، اها ڄاڻ نگراني جي مشق، صلاحيت جي تعمير، پاليسي جي تشخيص، انتظامي هدايتن يا حڪمت عملي جي ترقي ۽ قانوني فريم ورڪ جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هوندي.

(4) مقصد هي آهي ته سائيٽ منتظمن، انهن جي ٽيمن ۽ ساٿين جي تعميري صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ هتي ڏني وڃي ته جيئن اهي پيشه وارانه انداز ۾ برجستائي سان عالمي ثقافتي ورثي جي ملڪيتن تي ڊگهي مدت تائين ڪم ڪري سگهن. صلاحيتن جي تعمير ۾ڪيئي هنر ۽ قابليت جا پهلو شامل هئڻ گهرجن جن ۾ انتظاميه، پروجيڪٽ مينيجمينٽ، پاليسي

سازي، ڳالهيون طئي ڪرڻ، اثرائتي رابطي ڪاري، مالي معاملا ۽ بجيٽ جي تياري، منصوبي تي عملدرآمد ۽ ڪجھ وڌيڪ پاسا اچي وڃن ٿا.

(5) اسان ڪي سڄي دنيا جي سائيٽ منتظمن لاءِ هڪ عالمي نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ جي حمايت لاءِ ڪوٺ ڏيڻي پوندي، جيڪو هن گڏجاڻي جي سفارش تي، سڄي دنيا جي سائيٽ منتظمن لاءِ هڪ عالمي گڏيل پليٽفارم طور، خدمت مهيا ڪرڻ لاءِ خاص طرح سان ڪم ڪندو. هن نيٽ ورڪ جو مقصد عالمي ورثي وارين ملڪيتن جي سائيٽ منتظمن جي شفاف، جامع ۽ تازي فهرست برقرار رکڻ هوندو. ائين انهيءَ سان سائيٽ منتظمن ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن سان بحث مباحثي، گڏجي ڪم ڪرڻ، لاڳاپيل معلومات جي ونڊ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي، سائيٽ تي پيش ايندڙ فني مسئلن جي حل جي تلاش، ورثي وارين سائيٽس جي مناسب ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ عالمي ورثي واري ڪاميٽي جي معاونت ڪرڻ، جنهن ۾ دَوري خبر ڏيڻ، عملي منصوبن ۽ بين مصروفيتن جي تعميل شامل هوندي، جهڙن سرگرمين کي هٿي ملندي. ان طرح سان قائم ڪيل سائيٽ منتظم ۽ سائيٽ منتظمن جي نيٽ ورڪ کان، هينئان ڪان مٿي اڳواٽيءَ جي مرحلي ۽ نيٽ ورڪ کي قانوني شڪل ڏيڻ جا موقعا ڳولڻ واسطي، عالمي ورثي بابت سائيٽ منتظمن جي متحرڪ گروپ جي افتتاحي جوڙجڪ لاءِ صلاح مشورو پڻ ورتو ويندو. تجرباتي فهرست ۾ موجود سائيٽ منتظمن کي پڻ انهيءَ نيٽ ورڪ ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوٺ ڏني ويندي.

اسان مڃون ٿا تہ هي بحث مباحثا عالمي ورثي بابت سائيٽ منتظمن جي گڏجاڻين (ڪراڪف 2017، مناما 2018، باڪو 2019، فُو جَو (آن لائن) 2021 ۽ رياض 2023) ۽ ڪجھ بين عالمي ورثي بابت اڳواٽيءَ وارين ڪارگذارين جي تناظر ۾ شروع ٿيا. اسان انهن گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندڙن جا، سندن ڀاڱي ڀائيواري تي ٿورائتا آهيون.

(انگريزي ٻوليءَ ۾) جارج ٽائون پڌرنامي جي هن آخري مسودي کي، ”اسين آهيون سائيٽ منتظم بين الاقوامي گڏجاڻي جا“ ڪميٽي جي روئداد کي اعلىٰ اختيارين اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ تيار ڪندڙ عملي پاران ترميم ڪيو ويو آهي. گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ هن پڌرنامي جو جو مقامي ٻولين ۾ ترجمو ٿيل مسودو موجود آهي. هن پڌرنامي بابت وڌيڪ ڄاڻ لاءِ mysecretariat@gtwhi.com. تي رابطو ڪريو.

Translated by:
Mr. Ahmed Din Shar
Lecturer (Islamic Studies)
College Education Department
Government of Sindh, Pakistan.
Cell/Whatsapp: +92-302-2019119
Email: abusaif.ahmed75@gmail.com

## GEORGE TOWN DECLARATION

5 March 2024

George Town, Penang, Malaysia

## PREAMBLE

We, the participants of the "We Are Site Managers International Symposium" (held from 1-5 March 2024, George Town, Malaysia) from 37 countries, express our gratitude to the Penang State Government, George Town World Heritage Incorporated and the communities of George Town Historic City for organizing the Symposium. Participants expressed that the Symposium was very welcome, providing a transparent and stimulating platform to discuss and highlight opportunities and challenges faced by Site Managers in the context of the 1972 Convention Concerning the Protection of the World Cultural and Natural Heritage.

Site Managers work with passion, and it is through them that World Heritage can show leadership in defining what best practice looks like in conserving, protecting, and safeguarding the world's outstanding places for the present and future generations. Site Managers are the fundamental link between the international and local: they are the ones who work at World Heritage and advocate for World Heritage. They work on the ground, implementing the State Party's commitment to the protection, conservation, and transmission of heritage, as well as ensuring that heritage contributes to the sustainable development of the local community.

**ACKNOWLEDGING** that Site Managers face daily challenges in executing their complex yet essential day-to-day responsibilities, including managing and mitigating increasing threats at World Heritage Properties. <u>it is important and urgent to address the challenges and opportunities of the role and the effective functioning</u>

of Site Manager, which differs greatly with the applicable management and governance systems, as well as the local geo-context.

**NOTING** that Site Managers often operate in environments where they are not involved directly in the decision-making processes of the World Heritage system, resources are scarce, opportunities are limited, Site Managers' voices are not heard, and appropriate mechanisms for Site Managers to function efficiently are absent and/or lacking. Therefore, we call for urgent action to address the role and effective functioning of Site Managers at World Heritage Properties across the World.

We **INVITE** all State Parties, the World Heritage Centre, the Advisory Bodies, the Category II Centres, UNESCO Chairs, international, national, and local organizations, communities and stakeholders, to support the shared vision, strategic positioning, and formally recognise the Site Managers' role and function in the World Heritage system for the effective implementation of the 1972 World Heritage Convention by adopting the George Town Declaration.

## ACTIONS

(1) **FORMALLY RECOGNISE** the Site Manager's mandates, roles, and functions, as well as their formal involvement in the decision-making process of the World Heritage system at international, national and local levels. In particular, there is a necessity to establish a registration category specifically for 'Site Managers' during various activities and projects. Enabling the direct participation of Site Managers in the formal decision-making process of the World Heritage Committee will allow transparent information sharing on the state of conservation of World Heritage properties, and support Site Managers to benefit from first-hand exposure to the Committee's decision-making, learn valuable lessons from other sites, as well as the

discussions and debates that take place during these Committee sessions.

(2) **RECOMMEND** that the Site Manager is an important party to the development of the site management system even before the inscription. Therefore, it is highly recommended for the formal establishment of a Site Manager office/entity/authority during the nomination process, that can function effectively within the local context and frameworks. Such establishments should include clearly articulated site management mechanisms with long-term, continuous and sustainable resources (such as sufficient time, financial support for operation, political will, synchronized legal framework at international and local levels, professional recognition, inclusion in decision-making, and sufficient human resources), to enhance the effectiveness and efficiency of a Site Manager for the World Heritage property.

(3) **REQUEST** that voices and concerns of Site Managers be sought, considered and addressed, through a transparent, informed, and responsible decision-making process, facilitated by early, inclusive and meaningful communication with all the relevant actors in the implementation of the 1972 World Heritage Convention at both national and international levels. Site Managers possess extensive expertise in local knowledge, know-how, and often maintain strong connections with the local community, including facilitating monitoring of conservation indicators to retain the Outstanding Universal Values, integrity and authenticity of properties and in its wider setting. Given opportunities, Site Managers can provide independent insights that prioritize long-term interests over short-term gains, thereby adding significant value for any monitoring exercise, capacity building, policy evaluation, development of management guidelines or strategies, or establishment of legal frameworks.

(4) **FACILITATE FURTHER CAPACITY BUILDING** of Site Managers, their teams and other colleagues for them to function efficiently in the long term as professionals, and this should include skills and competence areas that facilitate the overall

effective functioning of the Site Managers at World Heritage properties in administration, project management, policy-making, negotiation, effective communication, financial and budget preparation, project execution, and more.

(5) **INVITE SUPPORT** for the establishment of a World Heritage Site Managers Global Network recommended by the Symposium to serve as a global collective platform for Site Managers across the world. This Network aims to maintain a transparent, inclusive and updated list of Site Managers of World Heritage properties, thus encouraging **PEER-TO-PEER** dialogue and collaboration, sharing relevant information, maximizing science and technology, finding pragmatic solutions at the site level, promoting sustainable development of heritage sites, and supporting the World Heritage Committee in their adopted decision, including the implementation of Periodic Report, Action Plans and other activities. Established site managers and site managers' networks will be consulted on the formation of the inaugural World Heritage Site Managers' Working Group, to promote bottom-up leadership processes and explore opportunities for formalizing the Network. Site managers on the tentative list will also be invited to the network.

We **ACKNOWLEDGE** that these discussions started in the context of the World Heritage Site Managers' Forums (Kraków, 2017, Manama 2018, Baku 2019, Fuzhou/online 2021, and Riyadh 2023) and other World Heritage Leadership activities, and thank the participants of those events for their contributions.

This final version of the George Town Declaration (in English) has been edited by the rapporteurs of the We Are Site Managers International Symposium. Translated version of the Declaration will be available in the local language to mobilize collective support. For more information on this Declaration, please contact secretariat@gtwhi.com.my.